# شَجَرَه

## قَادِرِيَه، رَضَوِيَه، ضِيائيَه
## عَطّارِيَه



سنڌي ترجمو


شیخ طریقت امیر اہلسنت بانی دعوتِ اسلامی حضرت علامہ مولانا ابو بلال

**مُحَمَّد الیاس عطّار قادری رضوی** دامت برکاتہم العالیہ


مدني چينل ڏسندا رهو


مڪتبة المدينه
(دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي

ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفڪربيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: شجره عطاريہ

ڇاپو پهريون: ربيع الاول 1437هـ جنوري 2016ع

تعداد: 20000

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


### ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# شجره

## قادِريّہ، رَضوِيّہ، ضِيائِيّہ، عَطّاريّہ

هي رسالو "شجره عطّاريّہ" شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي **حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو اردو زبان ۾ شايع ٿيل آهي.

مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ مجلسِ تراجم کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**پيشڪش: مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي)**


### رابطي جي لاءِ:

مڪتب مجلس تراجم (دعوتِ اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 1262

Email: translation@dawateislami.net


www.dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

## دُرود شريف جي فضيلت

اميرُالمُؤمِنين حضرت سيِّدُنا عُمر بن خطاب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ فرمائن ٿا: بيشڪ دعا زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ رڪجي ويندي آهي ۽ ان مان ڪا شيء مٿي ناهي ويندي جيستائين توهان پنهنجي نبي اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي دُرُودِ پاڪ نہ پڙهي وٺو.

(ترمذي ج 2 ص 28 حديث 486)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# ”بِسمِ اللّٰه“ جي سنت اکرن جي نسبت سان شَجَره عالِيَّ قادِرِيَّ رضوِيَّ پڙهڻ جا 7 مدني گل

1 شَجَره عالِيَّہ قادِرِيَّہ جا ورد ۽ وظيفا وغيره پڙهڻ جي هر ان اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ کي اجازت آهي جيڪو سلسلهء عالِيَّہ قادِرِيَّہ رضوِيَّہ ۾ داخل آهي.

2 شَجري شريف ۾ ڏنل سيني وِرْدن ۽ وظيفن جي هر حَرْف کي ان جي دُرُست مَخْرَج سان ادا ڪرڻ لازِمي آهي.[1]

مدينه

[1] هن مسئلي جو تفصيل دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب بهارشريعت ج 1 ص 557 تي ملاحظہ فرمايو. سگِ مدينہ عُفِيَ عَنه



www.dawateislami.net

3 جيڪو اَلِفُ ۽ ع، س ۽ ص، ه ۽ ح وغيره ۾ لازمي فرق نہ ٿو ڪري سگهي ايستائين جو ان جي معنٰي تبديل ٿي ويندي هجي ان کي هي وظيفا پڙهڻ جي اجازت ناهي ۽ خبردار! غلط پڙهڻ جي صورت ۾ نقصان جو انديشو آهي. تنهن ڪري اهي وِرد وغيره ڪنهن صحيح قرآن ڄاڻڻ واري سُنّي قاري يا سُنّي عالِم کي ٻُڌايو.

4 شجري شريف ۾ جن وظيفن کي ترتيب سان پڙهڻ لاءِ لکيو ويو آهي ان کي ترتيب سان پڙهندا تہ اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ وڏيڪ برڪتون ملنديون.



www.dawateislami.net

5 پنهنجي لاءِ ايترا ئي وِرد مقرر ڪريو جيترا اوهان نڀائي سگهو.

6 وظيفن جو ترجمو پڙهڻ ضروري ناهي.

7 هر وظيفي جي شروع ۾ ۽ آخر ۾ هڪ ڀيرو دُرُود شريف پڙهو، ها جيڪڏهن هڪ ئي مجلس ۾ گهڻا وظيفا پڙهو ته اجازت آهي ته شروع ۾ هڪ ڀيرو ۽ سڀئي وِرد پورا ڪرڻ کان پوءِ هڪ ڀيرو دُرُود شريف پڙهو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڏينهن يا رات ۾ ڪنهن به هڪ وقت روزانو پڙهو

1 اَسْتَغْفِرُاللّٰهَ الْعَظِیْمَ وَاَتُوْبُ اِلَیْہِ 70 ڀيرا.



www.dawateislami.net

2 لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ 166 پيرا.

3 مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰہِ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم

4 کوبہ دُرُود شريف 111 پيرا 3 پيرا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پنج وقت نمازکان پوءِ سَت وظيفا

1 بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ○

وَالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ وَالنُّجُوْمَ مُسَخَّرٰتٍۭ بِاَمْرِهٖ ؕ اَلَا لَهُ الْخَلْقُ وَالْاَمْرُ ؕ تَبٰرَكَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿۵۴﴾

مدينه

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ سج ۽ چنڊ ۽ تارا بنايائين، سمورا سندس حڪم هيٺ آهن، ٻُڌو! انهي جي هٿ ۾ آهي پيدا ڪرڻ ۽ حڪم ڏيڻ، وڏي برڪت وارو آهي الله سمورن جهانن جو ربّ. (پ 8، اعراف آيت 54)



www.dawateislami.net

2 گِردِ مَن وگِردِ خانۂ مَن وگِردِ زَن وفَرزَندانِ مَن وگِردِ مال ودَوْشتانِ مَنْ حِصارِحِفاظت تُوشَوَدَ وتُونِگَهْدار باشی۔ [1]

3 گذريل بنهي عَملن کي ترتيب سان هڪ هڪ ڀيرو پڙهڻ ڪانپوءِ هاڻي ٽيون عمل انهي نماز جي لاءِ مقرر ڪيل ”پَنج گنَج قَادِرِيَّہ“ جو ورد پڙهو ۽ هر وقت جي پنج گنج واري عمل کان پوءِ جيڪڏهن 72 ڀيرا ”يَابَاسِطُ“ بہ پڙهي وٺو تہ وڌيڪ بهتر آهي.

مدينه

[1]: (يا الله عَزَّوَجَلَّ) منهنجي آسپاس ۽ منهنجي گهر جي آسپاس ۽ منهنجي ٻارن ۽ گهرواريءَ جي آسپاس ۽ منهنجي مال ۽ عزيزن جي آسپاس حفاظت جو حِصار (يعني گهيرو) هجي ۽ تون محافظ ۽ نگهبان هجين.



www.dawateislami.net

# پنج گنج قادريہ

سيِ سؤ سؤ پيرا (اول ۽ آخر ۾ ٽي ٽي پيرا درود شريف) پڙهو. هن وِرد کي هميشہ پڙهڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دين ۽ دنيا جون بيشمار برڪتون ظاهر ٿينديون، هر اسم پيش (ُ) سان پڙهڻو آهي.

نماز فَجر کان بعد: يَاعَزِيْزُ يَااَللّٰهُ

نماز ظُهر کان بعد: يَاكَرِيْمُ يَااَللّٰهُ

نماز عَصر کان بعد: يَاجَبَّارُ يَااَللّٰهُ

نماز مَغرِب کان بعد: يَاسَتَّارُ يَااَللّٰهُ

نماز عِشاء کان بعد: يَاغَفَّارُ يَااَللّٰهُ



www.dawateislami.net

پنج وقت نمازن جي سُنَّتن ۽ نفلن کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ هيٺ ڏنل ورد پڙهو، سهولت خاطر نمبر ضرور ڏنل آهن پر انهن ۾ ترتيب شرط ناهي.

4 "آيَةُ الْكُرْسِى" هڪ هڪ ڀيرو پڙهڻ وارو مرندي ئي جنّت ۾ داخل ٿيندو.[1]

5 اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ الَّذِىْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْحَىُّ الْقَيُّوْمُ وَاَتُوْبُ اِلَيْهِ ط[2] ٽي ٽي ڀيرا پڙهو، **فضيلت** پڙهڻ واري جا گناهه مُعَاف ٿيندا جيتوڻيڪ اهو

مـــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــدينه

[1]: (شعب الآيمان ج 2 ص 458 حديث 2395)

[2]: **ترجمو** آئون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان معافي گهران ٿو جنهن کان سواءِ ڪو معبود ناهي، هو زنده آهي، قائم رکڻ وارو آهي ۽ ان جي بارگاهه ۾ توبهه ٿو ڪريان.



www.dawateislami.net

جهادجي ميدان مان ڀڄي آيل هجي.[1]

6 **تسبيح فاطِم** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہا: سُبْحٰنَ اللّٰه 33 ڀيرا، اَلْحَمْدُ لِلّٰه 33 ڀيرا، اَللّٰهُ اَكْبَر 33 ڀيرا، هي 99 ٿيا، آخر ۾ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَاشَرِيْكَ لَهٗ ط لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ط[2]

هڪ ڀيرو پڙهي 100 جو عدد پورو ڪريو. **فضيلت**: پڙهڻ واري جا گناهه بخشيا ويندا جيتوڻيڪ سمنڊ جي گَجَ (جھاڳ) برابر هجن.[3]

مدينه

[1]: (مصنّف عبدالرزاق ج 2 ص 154 رقم 3201)

[2]: ترجمو: الله عَزَّوَجَلَّ ڪان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي، هو اڪيلو آهي ان جو ڪو شريڪ ناهي، ان جي ئي بادشاهت آهي، ان جي ئي حَمد (يعني ساراهه) آهي، هو هر شيءِ تي قادر آهي.

[3]: (مسلم ص 301 حديث 597)



www.dawateislami.net

7 هر نمازڪان پوءِ پيشانيءَ جي اڳئين حصي تي هٿ رکي پڙهو: بِسۡمِ اللّٰهِ الَّذِیۡ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا ھُوَ الرَّحۡمٰنُ الرَّحِیۡمُ ؕ اَللّٰھُمَّ اَذۡھِبۡ عَنِّی الۡھَمَّ وَالۡحُزۡنَ ؕ[۱]

(پڙهڻ کان پوءِ هٿ ڇِڪي پيشاني تائين آڻي)

**فضيلت:** اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر غم ۽ پريشانيءَ کان بچندؤ.[۲]

منهنجي آقا اعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلِسُنّت مولانا شّاه احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن متي ذڪر ڪيل دعا جي آخر ۾ وڌيڪ هنن لفظن جو اضافو فرمايو آهي: وَعَنۡ اَهۡلِ السُّنَّةِ[۳]

مدينه

[۱]: ترجمو: الله جي نالي سان مان شروع ڪريان ٿو جنهن کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي، هو رَحمٰن ۽ رحيم آهي، اي الله عَزَّوَجَلَّ مون کان غم ۽ ڏک دُور فرماءِ.

[۲]: (الوظيفة الكريمه ص 23)

[۳]: (ايضاً ص 24)



www.dawateislami.net

(يعني ۽ اهلسنّت کان) (تنهنڪري **وَالْحُزْنَ** کان پوءِ **وَعَنْ اَهْلِ السُّنَّةِ** ملائي پڙهيو)

**صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

## صبح ۽ شام پڙهڻ جا 10 عمل

پهريان "صبح" ۽ "شام" جي تعريف ذهن نشين فرمايو. اڌ رات گذرڻ کان وٺي سج جي پهرين ڪِرڻي چمڪڻ تائين "صبح" آهي. انهيءَ سڄي وقفي ۾ جيڪو ڪجهه پڙهيو وڃي ان کي "صبح ۾ پڙهڻ" چيو ويندو ۽ منجهند ٽيڻ (يعني ظُهر جو وقت شروع ٿيڻ) کان وٺي سج لهڻ تائين "شام" آهي. انهيءَ سڄي وقفي ۾ جيڪو ڪجهه



www.dawateislami.net

پڙهيو وڃي ان کي "شام ۾ پڙهڻ" چيو ويندو.
هر صبح ۽ شام هيٺ ڏنل عمل پڙهڻ جا بيشمار فائدا آهن. (پڙهڻ ۾ نمبرن جي ترتيب ضروري ناهي)

1 ٽئي قُلْ [1] ٽي ٽي ڀيرا پڙهو. **فضيلت:** پڙهڻ واري جي لاءِ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر مصيبت کان حفاظت رهندي. صبح جو پڙهي ته شام تائين ۽ شام جو پڙهي ته صبح تائين. [2]

2 اَعُوْذُ بِکَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّآمَّاتِ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ [3] ٽي ٽي ڀيرا پڙهو. **فضيلت:** نانگ،

---

[1]: سُوْرَةُ الْاِخْلَاص، سُوْرَةُ الْفَلَق ۽ سُوْرَةُ النَّاس

[2]: (الوظيفة الكريم ص 13)

[3]: آئون الله عَزَّوَجَلَّ جي مڪمل ڪلمن (جي واسطي) سان سڄي مخلوق جي شر کان پناهه گهران ٿو.



www.dawateislami.net

وڇون وغيره ايذاء ڏيندڙن کان پناه حاصل ٿيندي.[1]

3 فَسُبۡحٰنَ اللّٰهِ حِيۡنَ تُمۡسُوۡنَ وَحِيۡنَ
تُصۡبِحُوۡنَ ﴿۱۷﴾ وَلَهُ الۡحَمۡدُ فِي السَّمٰوٰتِ
وَالۡاَرۡضِ وَعَشِيًّا وَّحِيۡنَ تُظۡهِرُوۡنَ ﴿۱۸﴾
يُخۡرِجُ الۡحَيَّ مِنَ الۡمَيِّتِ وَيُخۡرِجُ الۡمَيِّتَ
مِنَ الۡحَيِّ وَيُحۡيِ الۡاَرۡضَ بَعۡدَ مَوۡتِهَا ؕ
وَكَذٰلِكَ تُخۡرَجُوۡنَ ﴿۱۹﴾ ع [2] هڪ ڀيرو پڙهو.

مدينه

[1]:(الوظيفة الڪريمہ ص 14) [2]: ترجموڪنزالايمان: پوءِ الله جي پاڪائي بيان ڪريو جڏهن شام ڪيو ۽ صبح جي وقت ۽ انهيءَ جي تعريف آهي آسمانن ۽ زمين ۾ ۽ ڏينهن ڪجهہ باقي هجي ۽ ٻن پهرن جي وقت اهو زندهہ کي ڪيڍي ٿو مئل منجهان ۽ مئل کي ڪيڍي ٿو جيئري مان ۽ زمين کي جياري ٿو ان جي مري وڃڻ بعد ۽ اهڙيءَ طرح توهان کي ڪيڍيو ويندو. (سورة روم آيت نمبر 17،18،19)



www.dawateislami.net

**فضيلت**: جنهن ڏينهن سيئي وظيفا رهجي وڃن تہ هي اڪيلو انهن سيني جي جڳهہ تي[1] ڪافي آهي ۽ پڻ رات ڏينهن جي هر نقصان جو پورائو ڪندو[1].

4 اَعُوْذُ بِاللّٰهِ السَّمِيْعِ الْعَلِيْمِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ[2] ٽي ڀيرا، پوءِ سُوْرَةُ الْحَشْر جون آخري ٽي آيتون يعني هُوَ اللّٰهُ الَّذِيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ کان وٺي سورة ختم ٿيڻ تائين هڪ ڀيرو پڙهو.

**فضيلت:** صبح جو پڙهي تہ شام تائين ستر هزار ملائڪ ان جي لاءِ اِسْتِغْفار ڪندا ۽ ان



[1]:(الوظيفة الكريم ص 16)

[2]:مان ٻڌندڙ ڄاڻندڙ الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ گهران ٿو تڙيل شيطان کان.



www.dawateislami.net

ڏينهن مري ته شهيد ٿيندو ۽ شام جو پڙهي ته صبح تائين اها ئي فضيلت آهي[١].

5 اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَعُوْذُ بِكَ مِنْ اَنْ نُّشْرِكَ بِكَ شَيْئًا نَّعْلَمُهٗ وَنَسْتَغْفِرُكَ لِمَا لَا نَعْلَمُهٗ ط [٢]

ٽي ٽي ڀيرا پڙهو. **فضيلت**: اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ پڙهڻ واري جو خاتمو ايمان تي ٿيندو[٣].

مدينه

[١]:(ايضاً ص 17، ترمذي حديث 2931 ج 4 ص 423)

[٢]: اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان تنهنجي پناهه گهرون ٿا ان ڳالهه کان جو ڄاڻي واڻي ڪنهن کي تنهنجو شريڪ بڻايون ۽ اسان تو کان ان (شرڪ) جي بخشش گهرون ٿا جنهن کي اسان نه ٿا ڄاڻيون.

[٣]:(الوظيفة الكريمه ص 17)



www.dawateislami.net

6 بِسْمِ اللهِ عَلٰى دِيْنِىْ بِسْمِ اللهِ عَلٰى نَفْسِىْ وَوُلْدِىْ وَاَهْلِىْ وَمَالِىْ ط [۳] ٽي ٽي ڀيرا پڙھو.

**فضيلت:** پڙھڻ واري جو دين، ايمان، جان، مال، ٻچا سڀ محفوظ رھندا. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ (ايضًا)

7 بِسْمِ اللهِ جَلِيْلِ الشَّاْنِ عَظِيْمِ الْبُرْھَانِ شَدِيْدِ السُّلْطَانِ مَاشَآءَ اللهُ كَانَ، اَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط [۲] ھڪ ھڪ ڀيرو پڙھو.

**فضيلت:** پڙھڻ وارو شيطان ۽ ان جي لشڪر کان محفوظ رھندو[3].

مدينه

[۱]: الله تعالي جي نالي جي بَرڪت سان منھنجي دين، جان، اولاد، گھروارن ۽ مال جي حفاظت ٿئي.

[۲]: الله جليلُ الشان، عَظيمُ البُرھان، شَدِيدُ السُّلطان جي نالي سان شروعات، جيڪو الله چاھيندو آھي اھو ٿي تيندو آھي، مان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناھ تو گھران تڙيل شيطان کان. [۳]:(الوظيفة الڪريمه ص 18)



www.dawateislami.net

8 اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡۤ اَعُوۡذُبِكَ مِنَ الۡهَمِّ وَالۡحُزۡنِ، وَاَعُوۡذُبِكَ مِنَ الۡعَجۡزِ وَالۡكَسَلِ، وَاَعُوۡذُبِكَ مِنَ الۡجُبۡنِ وَالۡبُخۡلِ، وَاَعُوۡذُبِكَ مِنۡ غَلَبَةِ الدَّيۡنِ وَقَهۡرِ الرِّجَالِ [1] هڪ هڪ ڀيرو پڙهو.

**فضيلت**: غم ۽ ڏک کان بچندا (اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ) ۽ قرض جي ادائگي جي لاءِ صبح ۽ شام يارهن يارهن ڀيرا پڙهو. (الوظيفة الكريمه ص 19)

9 ”سَيِّدُ الۡاِسۡتِغۡفَار“ هڪ هڪ ڀيرو ياٽي ٽي ڀيرا پڙهو. **فضيلت**: پڙهڻ واري جا گناهه

مدينه

[1]: الاهي عَزَّوَجَلَّ! مان غم ۽ ڏک، هيٺائي ۽ سُستي، بُزدلي ۽ ڪنجوسي، قرض جي غلبي ۽ ماڻهن جي قهر کان تنهنجي پناهه تو گهران.



www.dawateislami.net

مُعاف ٿيندا ۽ ان ڏينهن يا رات جو مري ته شهيد ۽ پنهنجي جنهن کم مان نقصان جو انديشو هوندو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کان محفوظ رکندو آهي.

## سَیِّدُ الاِسْتِغْفَار

اَللّٰھُمَّ اَنْتَ رَبِّیْ لَآ اِلٰہَ اِلَّآ اَنْتَ، خَلَقْتَنِیْ وَاَنَا عَبْدُكَ وَاَنَا عَلٰی عَھْدِكَ وَوَعْدِكَ مَا اسْتَطَعْتُ، اَعُوْذُبِكَ مِنْ شَرِّ مَا صَنَعْتُ اَبُوْٓءُ لَكَ بِنِعْمَتِكَ عَلَیَّ، وَاَبُوْٓءُ لَكَ بِذَنْبِیْ



www.dawateislami.net

فَاغْفِرْ لِيْ فَاِنَّهٗ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ اِلَّآ اَنْتَ ؕ [1]

اعلٰي حضرت امامِ اهلسنّت مولانا شاهه احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن هن استغفار تي وڌيڪ هنن لفظن جو اضافو ڪيو آهي: ”وَاغْفِرْ لِكُلِّ مُؤْمِنٍ وَّمُؤْمِنَةٍ“ [2] (تنهنڪري آخر ۾ اهي لفظ به پڙهو)

## 10 لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ الْمُبِيْنُ ؕ

مدينه

[1]: الاهي! تون منهنجو ربّ آهين، تو کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي، تو مون کي پيدا ڪيو، مان تنهنجو ٻانهو آهيان ۽ طاقت آهر تنهنجي واعدي ۽ انجام تي قائم آهيان، مان پنهنجي ڪرتيءَ (يعني عمل) جي شر کان تنهنجي پناهه ٿو گهران، تنهنجي نعمت جيڪا منهنجي مٿان آهي ان جو اقرار ٿو ڪريان ۽ پنهنجي گناهن جو اعتراف ٿو ڪريان، مون کي بخش ڇوته تو کان سواءِ ٻيو ڪو گناهه نه ٿو بخشي سگهي.

[2]: ۽ هر مُؤمن ۽ مُؤمنه جي بخشش فرماءِ. (الوظيفة الكريمه ص20، 21)



www.dawateislami.net

سؤ سؤ پيرا پڙهو. **فضيلت**: دنيا ۾ فاقو نہ ٿئي، قبر ۾ خوف نہ ٿي، قيامت ۾ گهبراهٽ نہ ٿئي. اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## صرف صُبح جو پڙهڻ جا سَت عمل

1 بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰہِ الْعَلِیِّ الْعَظِیْمِ ط **فضيلت**: هر کم تيندو، شيطان کان محفوظ رهندو[2]. مٿي ڏنل دعا کي "اَلْوَظِیفة الکریمه" ۾ صبح جي عملن ۾

مدينه

1:(الوظيفة الكريمه ص 21) 2: ايضاً



www.dawateislami.net

لکيل آهي پر پڙهڻ جو تعداد لکيل ناهي، البتہ ”مَدارِجُ النُّبُوَّة“ جلد 1صفحو 236 تي وقت جو قيد لڳائڻ جي بغير هڪ روايت حضرتِ سيِّدنا اَنَس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کاننقل ڪئي وئي آهي تہ جيڪو متي ڏنل دعا ڏه ڀيرا پڙهي اهو گناهن کان ايئن پاڪ ٿيويندو آهي جيئن ان ڏينهن هو جڏهن پيدا ٿيو هو ۽ دنيا جي ستَّر بلائن کان بچايو ويندو آهي جيئن جُنون (چريائپ) ۽ جُذام، بَرَص (يعني ڪوڙهہ) ۽ ريح (يعني گئس) وغيره.

2 سُوْرَةُ الْاِخْلَاص 11 ڀيرا پڙهو. **فضيلت:** جيڪڏهن شيطان پنهنجي لشڪر سميت هن کان گناهہ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري تڏهن بہ نہ ڪرائي سگھندو، جيستائين هي پاڻ نہ ڪري.

(الوظيفة الڪريمه ص 21)



www.dawateislami.net

3 يَاحَيُّ يَاقَيُّوْمُ لَآاِلٰهَ اِلَّآاَنْتَ 41 ڀيرا.

**فضيلت**: اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جي دل زنده رهندي ۽ ايمان تي خاتمو ٿيندو. (الوظيفة الكريمه ص 21)

4 سُبْحٰنَ اللهِ الْعَظِيْمِ وَبِحَمْدِهٖ ٽي ڀيرا.

**فضيلت**: جُنون (چريائپ)، جُذام ۽ بَرَص ۽ انڌي ٿيڻ کان بچندو. (الوظيفة الكريمه ص 22)

5 قرآن شريف جي تلاوت، گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيپارو، حتي الامڪان (يعني جيترو ٿي سگهي) سج اُڀرڻ کان اڳ ۾ پڙهي ۽ جيڪڏهن سج اُڀري اچي ته گهٽ ۾ گهٽ ويهه منٽ ترسو، ذِڪُر ۽ درود شريف پڙهندا رهو



www.dawateislami.net

ايستائين جو سج مٿي اچي وڃي، ڇو ته جن

ٽن وقتن ۾ نماز ناجائز آهي انهن وقتن ۾

تلاوت خلافِ اَوْلٰي آهي.

6 دلائلُ الْخيرات شريف، هڪ باب پڙهو.

## سلسلي جي فاتح

7 روزانو فجر جي نماز کان پوءِ (رسالي جي

آخر ۾ ڏنل) "شَجَرهء عالِيّہ جو نظم" هڪ ڀيرو

پڙهندا ڪريو. ان کان پوءِ ست ڀيرا " دُرُودِ غوثيه "

هڪ ڀيرو "اَلْحَمْد شريف" هڪ ڀيرو "آيَةُ الْكُرسِیّ"

ست ڀيرا قُلْ هُوَاللهُ شريف "پوءِ ٽي ڀيرا

"دُرُودِ غوثيه" پڙهي انهيءَ جو ثواب بارگاهه



www.dawateislami.net

رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ نذراني جي طور
پيش ڪري سيني اَنۡبِياءِ ڪِرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ السَّلَام
صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ۽ اولياءِ عظام
رَحِمَهُمُ اللّٰه السَّلَام جي پاڪ روحن کي نذر ڪيو،
جن جي هٿ تي بيعت ڪئي آهي اهي
زنده هجن تڏهن به انهن جو نالو فاتحه ۾
شامل ڪري ونو چوته جيئري کي به ايصالِ ثواب[1]

مدينه

[1] زنده مسلمانن کي به ايصالِ ثواب ڪرڻ جائز آهي جيئن ته حضرتِ سَيِّدُنا صَالِح ابنِ دِرۡهَمۡ عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡاَكۡرَم فرمائن ٿا ته اسان حج ڪرڻ (جي ارادي سان) وڃي رهيا هئاسين ته هڪ شخص يعني (حضرت سيّدنا اَبُو هُرَيره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ) مليا ۽ ان پڇا ڪئي، ڇا توهان کي ڪو ويجهو ڳوٺ آهي جنهن کي "اُبُلّہ" چيو ويندو آهي؟ اسان چيو، "جي ها". (اهو ٻڌي) انهن فرمايو توهان مان ڪير هن جو ضامن ٿئي ٿو ته "عَشّار مسجد" ۾ منهنجي لاءِ ٻه يا چار رڪعتون پڙهي وٺي ۽ (پوءِ) چوي ته هيءَ نماز اَبُو هُرَيره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي (ايصالِ ثواب جي) لاءِ آهي. (ابو داؤد ج 4، ص 153 حديث 4308)



www.dawateislami.net

تي سگهي تو ۽ ان سان گڏوگڏ دَرازِيِ عُمرِ بِالْخَير جي لاءِ بہ دعا فرمايو.

## دُرودِ غوثِيہ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ مَّعْدِنِ الْجُوْدِ وَالْكَرَمِ وَاٰلِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ ط

## فَجرءِ عَصر جي نَماز کان پوءِ

پير بدلائڻ ۽ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جي بغير ڏهہ ڀيرا،

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ بِيَدِهِ الْخَيْرُ يُحْيِ



www.dawateislami.net

وَيُمِيْتُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ط [1]

**فضيلت**: پڙهڻ وارو هر آفت، مصيبت، شيطان ۽ مَڪرُوهات (يعني هر قسم جي اٿوٽندڙ ڳالهہ) ڪان بچندو. گناهہ معاف ٿيندا، ان جي برابر ڪنهن جون نيڪيون نہ ٿينديون. [2] (الوظيفة الكريمہ ص 25)

## فَجرِ ۽ مَغرِب جي نَماز کان پوءِ

### 1 اَللّٰهُمَّ اَجِرْنِیْ مِنَ النَّارِ ط [3] ست ست پيرا

[1]: الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي هو اڪيلو آهي. ان جو ڪو شريڪ ناهي، ان جي لاءِ بادشاهت آهي، ان جي ئي حمد (يعني ساراهہ) آهي، ان جي ئي قبضي ۾ ڀلائي آهي جيارڻدو ۽ مارڻدو آهي ۽ هر شيءِ تي قادر آهي.

[2]: مُسند احمد جي روايت ۾ فجر ۽ مغرب جي نماز کان پوءِ پڙهڻ جو ذڪر آيل آهي، ٻي روايت ۾ فجر ۽ عصر (جي نالي) آيو آهي ۽ حنفين جي مذهب سان وڌيڪ مناسب اهو ئي آهي. (بهارِ شريعت ج 1، ص 541)

[3]: الاهي! مون کي جهنّم جي باهہ کان بچاءِ.



www.dawateislami.net

پڙهو. **فضيلت**: پڙهڻ وارو ان ڏينهن يا رات ۾ مري وڃي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جهنّم کان محفوظ رکندو.[1]

2 روزانو فجر جي نماز کانپوءِ سج اُڀرڻ کان اڳ ۽ مغرب جي نماز کان پوءِ هيٺ ڏنل چار ئي دعائون ڏهه ڏهه ڀيرا پابنديءَ سان پڙهڻ واري جا سيئي جائز ڪم ٿي ويندا ۽ دشمن تي غَلبو حاصل ٿيندو. (اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ)

● حَسْبِيَ اللّٰهُ ۖ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿۱۲۹﴾[2]

مدينه

[1] (ابوداؤد ج 4 ص 415، حديث 5079)

[2] **ترجموڪنزالايمان**: مون کي الله عَزَّوَجَلَّ ئي ڪافي آهي، ان کان سواءِ ڪوبه عبادت جي لائق ناهي مون انهيءَ تي ئي ڀروسو ڪيو ۽ اهو وڏي عرش جو مالڪ آهي. (پ ١١، التوبہ: 129)



www.dawateislami.net

- رَبِّ اِنِّیْ مَسَّنِیَ الضُّرُّ وَ اَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِیْنَ [1]
- رَبِّ اِنِّیْ مَغْلُوْبٌ فَانْتَصِرْ [2]
- سَیُهْزَمُ الْجَمْعُ وَ یُوَلُّوْنَ الدُّبُرَ ﴿۴۵﴾ [3]

## فجر کان پوءِ حج ۽ عمري جو ثواب

فجر جي نماز کانپوءِ بغير پير بدلائڻ جي وينني وينني الله عَزَّوَجَلَّ جو ذکر کندو رهي، ايتري تائين جو سج مٿي اچي وڃي يعني سج جي اُڀرڻ کي گهٽ ۾ گهٽ ويهه منٽ

مدينه

[1]: اي منهنجا رب! مون کي تڪليف پهتي ۽ تون سڀني مهر (يعني مهرباني ڪرڻ) وارن کان وڌيڪ مهر وارو آهين.

[2]: اي منهنجا ربّ! مان مغلوب آهيان تون منهنجو بدلو وٺ.

[3]: ترجمو ڪنزالايمان: اجهو شڪست ڏني ويندي هي جماعت ۽ پُٺي ڏيئي ڀڄندا. (پ 27 القمر 45)



www.dawateislami.net

گذري وڃن، ان وقت ٻہ رڪعتون نفل نماز پڙهي تہ پوري حج ۽ عُمري جو ثواب وٺي موٽندو. (الوظيفة الكريمہ ص 26، ترمذي، ج 2 ص 100 حديث 586)

حديث پاڪ جي هن حصي ”پنهنجي مُصلّي تي ويٺو رهي“ جي وضاحت ڪندي حضرت سَيِّدُنا علّامہ علي قاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْبَارِى فرمائن ٿا: يعني مسجد يا گهر ۾ هن حال ۾ رهي تہ ذِڪر يا غور ۽ فِڪر ڪرڻ يا علم دين سکڻ سيکارڻ يا بيتُ الله شريف جي طواف ۾ مشغول رهي ۽ صرف خير ئي ڳالهائڻ جي باري ۾ فرمائن ٿا: يعني فجر ۽ اِشراق جي



www.dawateislami.net

وچ ۾ خير يعني ڀلائي کان سواءِ ڪا بہ گفتگو نہ ڪري چو تہ ھي اھا ڳالھ آھي جنھن تي ثواب مُرتَب ٿئي ٿو. (يعني ملندو آھي)

(مرقاة ج 3 ص 496 تحت الحديث 1317)

## رات جي وقت جا چار عمل

سج لٿي کان وٺي صُبح صادِق (يعني پرھ ڦُٽيءَ) تائين "رات" چورائيندي آھي، انھيءَ وقفي ۾ جيڪو ڪجھ پڙھندا ان کي "رات" ۾ پڙھڻ چيو ويندو. مثال طور: مغرب جي نماز کان پوءِ بہ جيڪڏھن ڪو وظيفو پڙھيو وڃي تہ ان کي "رات ۾ پڙھڻ" چئبو. رات ۾ ٿي سگھي تہ ھي پڙھي وٺو:



www.dawateislami.net

1 سُوْرَةُ الْمُلْك: قبر جي عذاب کان ڇوٽڪارو آهي. (السنن الکبريٰ للنسائي ج 6 ص 179 حديث 10547)

2 سُوْرَةُ يٰسٓ: مَغْفِرَت آهي.

(شعب الايمان، ج 2 ص 480 حديث 2462)

3 سُوْرَةُ الْوَاقِعَه: فاقي (يعني تنگدستي) کان امان آهي. (شعب الايمان حديث 2497 ج 2 ص 491)

4 سُوْرَةُ الدُّخَان: صبح جو انهيءَ حال ۾ اُٿندو جو ستر هزار ملائڪ ان (يعني پڙهڻ واري) جي لاءِ اِستِغفار ڪري رهيا هوندا.

(ترمذي، حديث 2897 ج 4 ص 406)



www.dawateislami.net

# سُمهڻ وقت جا ست عمل

1 آيةُ الكُرسی: هڪ ڀيرو پڙهو. **فضيلت:** الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان صبح تائين هڪ نِگهبان (فِرشتو) مقرر ٿيندو ۽ شيطان ان جي ويجهو نہ ايندو. اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ان جي گهر ۽ پر پاسي جي گهرن ۾ چوري کان پناه رهندي، آسيب (جنّ ۽ ڀُوت) داخل نہ ٿيندا. (الوظيفة الكريمة ص 30)

2 تسبیحِ فاطمہ (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا) پڙهو. **فضيلت:** صبح جو خوش ٿي اٿندؤ ۽ بيا بيشمار فائدا ملندا. (الوظيفة الكريمة ص 30)



www.dawateislami.net

3 اَلْحَمْد شريف ۽ قُلْ هُوَاللّٰه شريف هڪ هڪ پيرو. (الترغيب والترهيب ج ١ ص 235 حديث 10)

4 سُوْرَةُ الْبَقَرَه شروع کان وٺي مُفْلِحُوْن تائين ۽ پوءِ اٰمَنَ الرَّسُوْلُ کان سورة جي ختم ٿيڻ تائين. (الوظيفة الكريمة ص 31)

5 سُوْرَةُ الْكَهْف جون آخري چار آيتون يعني اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا کان سورة جي ختم ٿيڻ تائين.

**فضيلت:** رات جو يا صبح جو جنهن بہ وقت جاڳڻ جي نيّت سان پڙهندا تہ اک کُلي پوندي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ (الوظيفة الكريمة ص33، دارمي ج 2 ص 546 حديث 3406)



www.dawateislami.net

# سورۃُ الکَھف جون آخري چار آيتون

اِنَّ الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ کَانَتۡ
لَہُمۡ جَنّٰتُ الۡفِرۡدَوۡسِ نُزُلًا ﴿۱۰۷﴾ خٰلِدِیۡنَ فِیۡہَا
لَا یَبۡغُوۡنَ عَنۡہَا حِوَلًا ﴿۱۰۸﴾ قُلۡ لَّوۡ کَانَ الۡبَحۡرُ
مِدَادًا لِّکَلِمٰتِ رَبِّیۡ لَنَفِدَ الۡبَحۡرُ قَبۡلَ اَنۡ
تَنۡفَدَ کَلِمٰتُ رَبِّیۡ وَ لَوۡ جِئۡنَا بِمِثۡلِہٖ مَدَدًا ﴿۱۰۹﴾
قُلۡ اِنَّمَاۤ اَنَا بَشَرٌ مِّثۡلُکُمۡ یُوۡحٰۤی اِلَیَّ اَنَّمَاۤ
اِلٰـہُکُمۡ اِلٰہٌ وَّاحِدٌ ۚ فَمَنۡ کَانَ یَرۡجُوۡا لِقَآءَ
رَبِّہٖ فَلۡیَعۡمَلۡ عَمَلًا صَالِحًا وَّ لَا یُشۡرِکۡ
بِعِبَادَۃِ رَبِّہٖۤ اَحَدًا ﴿۱۱۰﴾



www.dawateislami.net

6 ٻنهي هٿن جون ٽِريون کولي ٿئي قُلْ شريف هڪ هڪ ڀيرو پڙهي انهن تي دم ڪري مٿي، منهن ۽ سيني جي اڳيان پنيان جيستائين هٿ پهچن سڄي بدن تي ڦيرايو، وري ٻيون ۽ ٽيون ڀيرو بہ ائين ئي ڪريو.

**فضيلت:** (اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ) هر مصيبت کان محفوظ رهندؤ. (الوظيفة الڪريمة ص 33)

7 "قُلْ يٰٓاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ" تي ختم ڪري، ان ڪان پوءِ جيڪڏهن ڳالهائڻ جي ضرورت هجي تہ ڳالهائي پوءِ وري اها سورة پڙهي تہ انهيءَ تي خاتمو ٿيندو. (اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ) (الوظيفة الڪريمة ص 34)


www.dawateislami.net

# سُجاڳ ٿيڻ تي پڙهو

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِیۡۤ اَحۡیَانَا بَعۡدَ مَاۤ اَمَاتَنَا وَاِلَیۡهِ النُّشُوۡرُ[1] **فضيلت** پڙهڻ وارو قيامت ۾ بہ اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حَمۡد (يعني تعريف) ڪندي اُٿندو.[2]

## تهجد

عِشاء جي نماز کان پوءِ ٿوري دير جي لاءِ سُمهي پئو، پوءِ رات جو صبح صادق (يعني پرهہ ڦُٽيءَ) کان اڳ ۾ جنهن بہ وقت اک

مدينه

[1]:سڀ تعريفون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جنهن اسان کي موت (يعني ننڊ) کان پوءِ زندگي (يعني سُجاڳي) عطا فرمائي ۽ اسان کي ان ڏانهن موٽڻو آهي. (بخاري ج 4 ص 192حديث 6312)

[2]:الوظيفة الكريم ص 34



www.dawateislami.net

ڪُلي توڙي جو عِشاء جي نماز پڙهڻ ڪان پوءِ ٿوري دير سمهڻ ڪان پوءِ اک ڪلي وڃي تہ وضو ڪري گهٽ ۾ گهٽ ٻہ رڪعتون تهجد پڙهي ونو. سنّت اَٺ رڪعتون آهن ۽ مَشَائِخ ڪِرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام جو معمول ٻارهن رڪعتن جو آهي. قِراءَت جو اوهان کي اختيار آهي جيڪو چاهيو پڙهو. بهتر اهو آهي تہ جيترو قرآن مجيد ياد هجي ان جي تلاوت تَهَجُّد جي رڪعتن ۾ ڪريو. جيڪڏهن اوهان کي سڄو قرآن شريف حِفْظ(يعني ياد) آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ٽن راتين ۾ ۽ وڌ ۾ وڌ چاليهہ راتين ۾ ختم ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريو. جيڪڏهن اوهان چاهيو تہ هر



www.dawateislami.net

رَڪعت ۾ تي تي ڀيرا سُوۡرَۃُ الۡاِخۡلَاص بہ پڙهي سگهو ٿا ڇو تہ جيتريون رڪعتون پڙهندا اوترو قرآن شريف جي ختمن جو عظيم ثواب ملندو.

(تفصيلي معلومات لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل مدني پنج سورة جي باب فيضان نوافل جو مطالعو فرمايو)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪمن ۾ ڪارڪاوٽ هجي تہ......

جائز حاجتن، ڪاميابي ۽ دشمنن تي غلبي جي لاءِ هيٺ ڏنل وظيفا پڙهو:



www.dawateislami.net

## 1 اَللّٰهُ رَبِّيْ لَاشَرِيْكَ لَهٗ [1]

اَٺ سؤ چوهتر(874) ڀيرا شروع ۽ آخر يارهن يارهن ڀيرا دُرُود شريف. مُراد حاصل ٿيڻ تائين روزانو پڙهو، وقت جو ڪو قيد ناهي. باوضو قِبلي ڏانهن منهن ڪري ڳوڏن ڀر ويهي پڙهو ۽ انهيءَ وظيفي ڪي اٿندي ويهندي، گهمندي ڦِرندي وضو هجي يا نہ هجي هر حال ۾ بنا ڳُڻپ ۽ بيشمار زبان تي جاري رکو. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ مراد پوري ٿيندي.

[1] ترجمو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجو ربّ آهي ان جو ڪو شريڪ نہ آهي.



www.dawateislami.net

**2 حَسۡبُنَا اللّٰهُ وَنِعۡمَ الۡوَكِيۡلُ ﴿١٧٣﴾** [1]

ساڍا چار سؤ (450) ڀيرا شروع ۾ آخر ياره‌ن ڀيرا درود شريف، مراد حاصل ٿيڻ تائين روزانو پڙهو (هن ۾ ٻہ وقت جو ڪو قيد ناهي) مراد پوري ٿيڻ لاءِ بهترين عمل آهي. ۽ جنهن وقت گهٻراهٽ ٿئي تہ هن ڪلمي جي ڪثرت گهٻراهٽ کان ڇوٽڪاري جو باعث بڻجندي. اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

**3** عشاء جي نماز کان پوءِ هڪ سؤ ياره‌ن

مدينه

[1] **ترجمو ڪنزالايمان:** **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي ڪافي آهي ۽ ڪهڙو نہ سٺو ڪارساز (يعني ڪم ناهيندڙ) آهي. (پ 4، آل عمران، آيت 173)



www.dawateislami.net

پيرا طُفَيْلِ حَضْرَتِ دَسْتْ گِيرْ دُشْمَنْ هُوْوَىْ زَيْـرْ[1] پڙهو. (شروع ۽ آخر يارهن يارهن پيرا درود شريف پڙهو). هي ٽئي عمل جيڪي لکيا ويا آهن گهڻو اثر انداز هئڻ سان گڏوگڏ آسان به آهن، هنن کي پڙهڻ ۾ لاپرواهي نه ڪئي وڃي. جڏهن به ڪا حاجت پيش اچي ته هنن ٽنهي عملن مان هر هڪ ايتري تعداد جي مطابق پڙهو جيترو لکيو ويو آهي، تعداد ۾ جاڻي واڻي گهٽ وڌائي نه ڪريو جو ته چابيءَ جا ڏندا گهٽ وڌ هجڻ جي صورت ۾ تالو ناهي کلندو. جيڪڏهن ڪا خاص حاجت نه هجي ته پهرين ۽ ٻئي عمل کي سؤ سؤ پيرا

---

[1]: ترجمو: حضرتِ غوث اعظم پيرانِ پير دَسْتْگير رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي طفيل دشمن ناڪام ٿئي.



www.dawateislami.net

روزانو پڙهندا ڪريو. (شروع ۽ آخر ۾ ٽي ٽي پيرا درود شريف بہ پڙهو)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ختم قرآن

اولياءِ ڪاملين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن جو ارشاد آهي: بيشڪ تلاوت قرآن حاجتون پوريون ڪرڻ جي لاءِ آزمايل عَمل آهي. جيترو بہ ٿي سگهي روزانو ادب سان پڙهندا رهو. جيڪڏهن هيٺ ڏنل طريقي سان پڙهندؤ تہ تمام سٺو آهي جو اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جلد ئي ڪاميابي ٿيندي. جمعي جي ڏينهن کان شروع ڪيو ۽ خميس جي ڏينهن قرآن خَتم ڪيو، تلاوت جي ترتيب هيءَ هجي:



www.dawateislami.net

| | |
|---|---|
| جمعو | سُوۡرَۃُ الۡفَاتِحَہ کان سُوۡرَۃُ الۡمَآئِدَہ |
| ڇنڇر | سُوۡرَۃُ الۡاَنۡعَام کان سُوۡرَۃُ التَّوۡبَہ |
| آچر | سُوۡرَۃُ یُوۡنُس کان سُوۡرَۃُ مَرۡیَم |
| سومر | سُوۡرَۃُ طٰہٰ کان سُوۡرَۃُ الۡقَصَص |
| اڱارو | سُوۡرَۃُ الۡعَنۡکَبُوۡت کان سُوۡرَۃُ صٓ |
| اربع | سُوۡرَۃُ الزُّمَر کان سُوۡرَۃُ الرَّحۡمٰن |
| خميس | سُوۡرَۃُ الۡوَاقِعَہ کان سُوۡرَۃُ النَّاس |

اڪيلائيءَ ۾ پڙهو، تلاوت جي وچ ۾ نہ ڳالهايو. هر اهم ۽ جائز ڪم پورو ڪرڻ جي لاءِ لاڳيتو ٻارهن ڀيرا خَتم شريف ڪرڻ اِڪسِيرِ اَعظم يقين ڪريو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دُرودِ رَضویّہ[1]

صَلَّى اللهُ عَلَى النَّبِيِّ الْأُمِّيِّ وَاٰلِهٖ، صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، صَلٰوةً وَّسَلَامًا عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله ط

متي ڏنل دُرُود و سلام کي جمعي نماز کان پوءِ مجموعي سان گڏ مديني شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا ڏانهن منهن ڪري هٿ ٻڌي 100 ڀيرا ٻيهي پڙهو، جتي جمعو نہ ٿيندو هجي اتي جمعي جي ڏينهن فجر، ظهر يا عصر کان پوءِ پڙهو جيڪو جتي اڪيلو هجي



[1]: اعلٰي حضرت امامِ اهلسنّت، مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن هن ۾ تي درود شريف گڏ ڪري هڪ دُرود شريف ٺاهيو آهي، تنهنڪري سندن جي نسبت سان ان جو نالو "دُرود رضويہ" آهي.



www.dawateislami.net

تہ اڪيلو ئي پڙهي، اهڙيءَ طرح اسلامي ڀينرون پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ پڙهن. (پاڪ ۽ هند ۾ ساڄي هٿ ڏانهن مڙي ويهڻ جي ضرورت ناهي قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهڻ سان مديني منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا ڏانهن رخ ٿي ويندو آهي)

## ”مصطفٰي تي ڪروڙين سلام“ جي سترهن اکرن جي نسبت سان درود ۽ سلام جا 17 مدني گل

جيڪي مِٺي مِٺي آقا مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت رکندا، جيڪي پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظمت سڄي جهان کان وڌيڪ پنهنجي دل ۾



www.dawateislami.net

رکندا، جيکي پاڻ ڪريمن ﷺ جو شان گھٽائڻ ۽ سندن ذکرِ پاڪ مٽائڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارن کان پري رهندا، ۽ نفرت ڪندا اهڙن کان دل سان بيزار رهندا. انهن عاشقان رسول مان جيڪو بہ دُرُود ۽ سلام پڙهندو ان جي لاءِ بيشمار فائدا آهن، هن متعلق 17 مدني گل پيش ڪيا وڃن ٿا:

- ان جي پڙهڻ واري تي الله تعاليٰ ٽي هزار رحمتون نازل فرمائيندو.
- ان تي بہ هزار ڀيرا پنهنجو سلام موڪليندو
- ان جي اعمال نامي ۾ پنج هزار نيڪيون لکندو
- ان جا پنج هزار گناه معاف ڪندو
- ان



www.dawateislami.net

جا پنج هزار درجا بلند فرمائيندو ● ان جي پيشاني تي لکي ڇڏيندو ته ”هي منافق ناهي“ ● ان جي پيشاني تي لکندو ته هي دوزخ کان آزاد آهي ● الله عَزَّوَجَلَّ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو ● ان جي مال ۾ ترقي ڏيندو ● ان جي اولاد ۽ اولاد جي اولاد ۾ برڪت ڏيندو ● دشمنن تي غلبو عطا فرمائيندو ● (ماڻهن جي) دلين ۾ ان جي محبت وجهندو ● کنهن ڏينهن خواب ۾ تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جي سعادت عطا فرمائيندو ● (ان جو) ايمان تي خاتمو ٿيندو ● قيامت ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان سان مصافحو فرمائيندا



www.dawateislami.net

(يعني هٿ ملائيندا) الله عَزَّوَجَلَّ جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شفاعت ان جي لاءِ واجب ٿيندي الله عَزَّوَجَلَّ ان کان اهڙو راضي ٿيندو جو ڪڏهن بہ ناراض نہ ٿيندو.

(ملخّص ازحياتِ اعليٰ حضرت ج 1 ص 713، 714)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪي جي دعوت جا 6 اهم مدني گل

1 هر عاقل ۽ بالغ اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ تي روزانو پنج وقت جي نماز فرض آهي، اسلامي ڀائرن کي مسجد ۾ جماعت جو اهتمام بہ واجب آهي. بي نمازي ماڻهو جڻ تصوير نُما انسان آهي جو ظاهري



www.dawateislami.net

صورت تہ انسان جي اتس پرانسان جهڙو
ڪم ڪو بہ ناهي. بي نمازي اهو ئي ناهي
جيڪو ڪڏهن بہ نماز نہ پڙهي پر جيڪو
هڪ وقت جي نماز بہ ڄاڻي واڻي ڇڏي ڏئي
اهو بہ ”بي نمازي“ آهي. ڪنهن جي نوڪري،
مُلازمت يا واپار وغيره ڪنهن بہ حاجت جي
ڪري نماز قضا ڪرڻ سخت ناشُڪري،
انتهائي درجي جي ناداني ۽ گناهِ ڪَبيره
آهي. ڪو آقا (يعني مالڪ يا سيٺ) ايتري
تائين جو ڪنهن ڪافِر جو بہ نوڪر هجي تہ
هو پنهنجي نوڪر کي نماز کان نہ ٿو روڪي
سگهي ۽ جيڪڏهن نماز نہ پڙهڻ ڏئي تہ اهڙي



www.dawateislami.net

نوڪري ئي قطعي طور تي حرام آهي. ۽ اهڙي نوڪري به ناجائز آهي جنهن ۾ بلا عُذرِ شَرعي فرض نماز جي جماعت ڇڏڻي پوي. ياد رهي! ڪو به رزق جو ذريعو نماز وڃائي ڪري بَرَڪت نه ٿو آڻي سگهي. رزق ته انهيءَ جي اختيار ۾ آهي. جنهن نماز فرض ڪئي آهي ۽ نماز ڇڏڻ تي سخت غَضَب فرمائيندو آهي. وَالْعِيَاذُ بِاللهِ تَعَالٰی (يعني ۽ اسان الله تعالٰي جي پناھ گهرون ٿا)

2 جيڪڏهن معاذالله عَزَّوَجَلَّ اوهان تي قضا نمازون باقي آهن ته سيني جو اهڙي طريقي سان حساب ڪريو جو اندازي ۾ باقي نه



www.dawateislami.net

رهجي وڃن، وڏيڪ ٿي وڃن تہ ڪو حرج نہ آهي اهي سڀ نمازون پنهنجي طاقت جي مطابق آهستي آهستي ڪري جلدي ادا ڪري ونو، سُستي نہ ڪريو ڇو تہ موت جي وقت جي ڪا خبر ناهي. ياد رکو! جيستائين فرض نماز ذمي تي باقي رهندي آهي تيستائين ڪا بہ نفل نماز قبول نہ ڪئي ويندي آهي. قضا نمازون جيڪڏهن گهڻيون هجن مثال طور فجر جي نماز سؤ ڀيرا قضا ٿيل آهي تہ هر ڀيري هيئن نيّت ڪريو تہ سڀ کان پهرين جيڪا فجر جي نماز مون کان قضا ٿي (اها پڙهان ٿو). ساڳئي طريقي سان ظُهر وغيره هر نماز ۾ نيت ڪريو. قضا ۾ پنج وقت نماز



www.dawateislami.net

جي فرض رڪعتن ۽ وِتّر کي ملائي هر ڏينهن ۽ رات جون ويهه رڪعتون ادا ڪيون وينديون آهن. هن جا تفصيلي احڪام ڄاڻڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل رسالو ”**قضا نمازن جو طريقو**“ پڙهي وٺو.

**3** جيترا بہ روزا قضا ٿيا هجن اهي بہ پيو رمضان اچڻ کان اڳ ۾ ادا ڪري وٺو ڇو تہ حديث شريف ۾ آهي: جيستائين گذريل رمضان جي روزن جي قضا نہ ڪئي وڃي ايندڙ (رمضان جا روزا) قبول نہ ٿيندا آهن.[1]

مــــدينه

[1] تفصيلي معلومات جي لاءِ فيضانِ سنّت (جلد پهريون) جي باب فيضان رمضان جو مطالعو فرمايو.



www.dawateislami.net

4 جيڪڏهن توهان مالدار آهيو يعني توهان جي مِلْڪِيَّت ۾ ”نِصاب“ جي مقدار ۾ مال هجي ۽ زڪوٰة جا شرط[1] بہ موجود هجن تہ زڪوٰة بہ ادا ڪريو. جيڪڏهن گذريل سالن جي زڪوٰة باقي هجي اها فوري طور تي حساب ڪري ادا ڪري ڇڏيو. ياد رکو! سال پوري ٿيڻ کان پوءِ بِغير شرعي عُذر جي دير ڪرڻ گناهہ آهي. سال جي شروعات کان ئي آهستي آهستي زڪوٰة ڏيندا رهو پوءِ سال پوري ٿيڻ تي حساب ڪريو جيڪڏهن زڪوٰة پوري ادا ٿي وئي هجي تہ نيڪ، نہ تہ جيتري باقي هجي اها فورًا ادا ڪري ڇڏيو. ۽

مدينه

[1]: وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب فيضان زڪوٰة جو مطالعو فرمايو.



www.dawateislami.net

جيڪڏهن ڪجهه زڪوٰة وڏيڪ نڪري وئي
آهي تہ اها ايندڙ سال (واري زڪوٰة) مان ڪٽي
ڇڏيو. الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن جو نيڪ عمل ضايع
ناهي ڪندو.

5 مالدار تي حج بہ فرض اعظم آهي. الله
عَزَّوَجَلَّ حج جي فَرضِيَّت (يعني فرض هجڻ) جي
باري ۾ ارشاد فرمايو:

وَ لِلّٰهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ اِلَيْهِ
سَبِيْلًا ؕ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ عَنِ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۹۷﴾ [1]

مدينه

[1]: ترجمو ڪنز الايمان: ۽ الله جي لاءِ انهن ماڻهن تي ان گهر جو حج
ڪرڻ آهي جيڪو انهيءَ تائين وڃي سگهي ۽ جنهن انڪار ڪيو
پوءِ الله ساري جهان کان بي پرواهہ آهي. (پ 4 آلِ عِمران 97)



www.dawateislami.net

تاجدارِ مدينہ، راحتِ قَلْب و سِيْنہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حج نہ ڪرڻ واري جي باري ۾ فرمايو تہ چاهي يهودي ٿي مري يا نَصراني.

(ترمذي ج 2 ص 219 حديث 812)

6 ڪُوڙ، غيبت (گِلا)، گارگند، چُغلي، زِنا، لِوَاطَت، ظُلم، خِيانتَّ، ڏيکاءُ، تڪبّر، ڏاڙهي ڪُوڙائڻ يا (هڪ مُٺ کان) گهٽائڻ، فاسِقن جي طور طريقي تي هلڻ، فلمون ڊراما ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ وغيره هر بُري عادت کان بچو جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري ڪندو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي واعدي مُوجِب ان جي لاءِ جنّت آهي.



www.dawateislami.net

اللہ کی رَحمت سے تو جنّت ہی ملی گی
اے کاش! محلّے میں جگہ اُن کے ملی ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## يادگيري ڏيارڻ جا مختلف مدني گل

یاد داری کہ وقتِ زادَن تو
ہَمہ خَنداں بدند وتو گریاں

آنچناں زی کہ وقتِ مردن تو
ہَمہ گریاں شَوند وتو خَنداں

يعني: ياد رک! تنهنجي پيدا ٿيڻ جي وقت سڀ کِلي رهيا هئا پر تون روئي رهيو هُئين (هاڻي دنيا ۾) اهڙي زندگي گذار جو تنهنجي مرڻ جي وقت سڀ روئي رهيا هجن ۽ تون کِلي رهيو هُجين.



www.dawateislami.net

اي اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ! جيڪڏهن توهان اخلاص سان **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ياد ۾ عاجزي ۽ آهه و زاري ڪندا رهيؤ، پياري حبيب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جُدائي ۽ محبت ۾ تڙپندا ۽ روئندا رهيا تہ اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان پنهنجي انتقال جي وقت پياري محبوب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار جو جام پي خوش ٿيندؤ ۽ فرحت ماڻيندؤ توهان جي جدائي تي دنيا وارا روئيندا.

اي اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ! پنهنجا اهي تمام واعدا هميشہ ياد رکجو جيڪي توهان خدا سان هن ناچيز ۽ گنهگار ٻانهي جي هٿ تي ڪيا آهن ۽ حق تعالٰي کان



www.dawateislami.net

پنهنجي لاءِ دعا بہ ڪندا رھو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي حڪمن جي پابندي ڪندي جِيئان ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين سنّتن جي پابندي ڪندو رھان.

امين بِجاہِ النَّبِيِّ الْاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اي اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ! توھان واعدو ڪيو آھي تہ توھان تهذيب واري مَذهب اهلسنّت تي قائم رھندا ۽ ھر بدمذھب جي دوستي ڪان بچندا رھندا، انھيءَ تي سختي سان قائم رھو. فَلَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا وَاَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿١٣٢﴾[1]

مدينہ

[1] ترجمو ڪنزلايمان: پوءِ اوھان مسلمان ئي ٿي مرجو.

(سورهءِ بقره آيت 132)



www.dawateislami.net

اي اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ! ياد رک! توهان واعدو ڪيو آهي تہ نماز، روزا ۽ هر فرض شريعت مُطهّره جي مطابق ادا ڪندا رهنداسين ۽ گناهن کان بچندا رهنداسين، خدا عَزَّوَجَلَّ ڪري توهان پنهنجي واعدي تي قائم رهو. ياد رکو! واعدو ٽوڙڻ حرام آهي ۽ سخت عيب ۽ تمام برو ڪم آهي. واعدو پورو ڪرڻ لازمي آهي جيتوڻيڪ ڪنهن حقير مخلوق سان ڪيو ويو هجي. اِهي واعدا تہ توهان خالق عَزَّوَجَلَّ سان ڪيا آهن.

اي اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ! موت ڪي



www.dawateislami.net

ياد رکو، جيکڏهن موت کي ياد رکندؤ تہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ هلاکت واري جاءِ کان ڇوٽڪارو ملندو، دين ۽ ايمان سلامت رهندو، سنت جي پيروي جي سعادت بہ نصيب ٿيندي ۽ گناهن کان حفاظت بہ ٿيندي.

اي اسلامي ڀاءُ اسلامي ڀيڻ! اڄ جاڳي وٺو! تہ موت کان پوءِ سک، آرام ۽ اطمينان جي ننڊ ملي ۽ فِرشتوقبر ۾ توهان کي چوي:

نَمْ کَنَوْمَةِ الْعَرُوْسِ يعني ڪنوار وانگر سمهي رهو.

جاگنا ہے جاگ لے افلاک کے سائے تلے

حشر تک سوتا رہے گا خاک کے سائے تلے



www.dawateislami.net

اي اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ! دنيا تي عاشق نہ ٿيو، دنيا سان حد کان وڌيڪ محبت ڪرڻ ئي الله عَزَّوَجَلَّ کان غافل ٿيڻ آهي.

بے وفا دنیا پہ مت کر اعتبار

تو اچانک موت کا ہو گا شکار

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اسلامي ڀينرون توجهه فرمائن

اسلامي ڀينرو! پنهنجي مخصوص ڏينهن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ اوهان جي لاءِ لازمي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ **بهارِ شريعت** جو ٻيو حصو ضرور پڙهو يا ڪنهن اسلامي



www.dawateislami.net

پيڻ کان پڙهائي ضرور ٻڌو، ۽ پردي جي باري ۾ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب ”**پردي جي باري ۾ سوال جواب**“ جو ضرور مطالعو فرمايو. پردي جي باري ۾ هڪ روايت ملاحظہ فرمايو:

اُمُّ الْمُؤمِنِيْن حضرتِ سَيِّدَتُنا اُمِّ سَلَمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ مان ۽ حضرتِ مَيمُونہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر هُيوسين تہ (نابينا صحابي) حضرتِ سيِّدُنا عبدالله بن اُمِّ مڪتوم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ آيا. سرڪارِ عالي وقار



www.dawateislami.net

صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان ٻنهي کي فرمايو:
”پردو ڪيو“ مون عرض ڪيو: منهنجا آقا
صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي تہ نابينا آهن اسان کي
نہ ڏسندا. ان تي مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم
ارشاد فرمايو: ڇا توهان ٻَئي بہ نابينا آهيو؟
توهان هُن کي نہ ڏسي سگهندؤ؟

(ترمذي ج 4 ص 356 حديث 2787)

اسلامي ڀينرو! انهيءَ مان خبر پئي تہ
جهڙي طرح مرد جي لاءِ اهو لازِمي آهي تہ
هو ڪنهن غير (يعني ڌاري) عورت کي نہ
ڏسي اهڙي طرح عورت بہ غير مرد کي
ڏسڻ کان بچي. البتہ مرد جي غير عورت



www.dawateislami.net

ڪي ڏسڻ ۽ عورت جي غير مرد کي ڏسڻ ۾ ٿورڙو فرق آهي، جيئن ته دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد 3 صفحي 443 تي مسئلو نمبر (6) آهي: عورت جو اجنبي مرد ڏانهن ڏسڻ جو اهو ئي حڪم آهي، جيڪو مرد جو مرد ڏانهن ڏسڻ جو آهي ۽ اهو انهيءَ وقت آهي ته عورت کي يقين هجي ته ان کي ڏسڻ سان شهوت پيدا نه ٿيندي ۽ جيڪڏهن شهوت اچڻ جو گُمان به هجي ته هرگز نه ڏسي. (عالمگيري ج 5 ص 327)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# اسلامي ڀينرن لاءِ 4 مدني گل

**1** اسلامي ڀيڻ غير مرد جي جسم کي هرگز هٿُ نہ لڳائي، نہ ان سان هٿ ملائي، ايتري تائين جو پنهنجي نامَحرم پِير (مُرشد) جو هٿ بہ نہ چُمي ۽ پنهنجي مٿي تي ان کان هٿ بہ نہ ڦيرائي.

**2** اسلامي ڀيڻ پنهنجي مٿي جا وار جيڪي ڦُٽي وغيره ڪرڻ ۾ نڪتا هجن اهي ڪنهن اهڙي جاءِ تي نہ اڇلائي جو ان تي ڪنهن غير مرد جي نظر پئي.



www.dawateislami.net

3 سؤٽ، ماسات، پُڦات، ماروٽ کان بہ پردي جو حڪم آهي ۽ ڏير ۽ ياجائي ۾ بي پردگي تہ موت وانگر هلاڪت (يعني بربادي) جو سبب آهي. ۽ پڻ پيٽُوِيي، ماسڙ، پُڦڙ ۽ ڏير کان بہ پردو آهي.

4 اسلامي ڀينرون پنهنجي گهر کان ٻاهر نهيل ٿلّهن تي نہ ويهن، نہ ئي دَرين وغيره مان جهانڪن ڇو تہ ائين ڪرڻ سان بہ فتني جو دروازو کلندو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي

اسلامي ڀائرو ۽ اسلامي ڀينرو! توهان
کي گھرجي تہ تبليغ قرآن ۽ سنّت جي
عالمگير غير سياسي تحريک دعوتِ اسلامي
سان جيترو ٿي سگھي تَنَ مَنَ دَنَ سان هر
ممکن تعاون ڪيو، جتي جتي دعوتِ اسلامي
جا هفتيوار سنتن ڀريا اجتماع ٿيندا آهن هر
ممکن صورت ۾ ان ۾ شرڪت فرمايو،
اهڙي طرح جتي جتي ”فيضانِ سنَّت“ جو
درس ٿيندو آهي اتي بہ شرڪت فرمايو ۽
جتي ”فيضان سنَّت“ جي درس جو سلسلو
ناهي اتي درس جاري ڪرايو. تمام اسلامي



www.dawateislami.net

پائر هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن سنتن جي تربيت جي مَدَني قافِلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪن.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اي اسان جا پيارا پيارا الله عَزَّوَجَلَّ! اسان سيني کي **دعوتِ اسلامي** جو مبلغ، پنهنجو پسنديده ٻانهو، عاشقِ رسول ۽ عاشقِ مدينہ بڻاءِ ۽ اسان جي بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلّى الله تعالٰى عليه واٰله وسلّم

ان دو کا صدقہ جن کو کہا میرے پھول ہیں
کیجے رَضا کو حشر میں "خَنداں مثالِ گل"

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# وصالِ ءِ مدفن شريف جون تاريخون

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | شهنشاه مدينه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم | 12ربيع الاول 11هه | مدينه منوره |
| 2 | حضرتِ مولا علي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْه | 21 رمضان المبارڪ 40ھ | نجف شريف |
| 3 | حضرت امام حسين رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْه | جمعه10محرم الحرام61ھ | ڪربلا معلي |
| 4 | امام زينُ العابدين رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه | 14 ربيع الاول 94ھ | مدينه طيبه |
| 5 | حضرت امام باقِر رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه | 7 ذي الحجه 114ھ | مدينه طيبه |
| 6 | حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه | 15رجب المرجب148ھ | مدينه طيبه |
| 7 | حضرت امام موسي ڪاظم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه | 5 رجب المرجب 183ھ | بغداد شريف |
| 8 | حضرت امام علي رضا رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه | 21 رمضان المبارڪ203ھ | مشهد مقدس |
| 9 | حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه | 2 محرم الحرام 200 ھ | بغداد شريف |
| 10 | حضرت امام سري سقطي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه | 6 رمضان المبارڪ253ھ | بغداد شريف |
| 11 | حضرت امام جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه | 27 رجب المرجب 298 ھ | بغداد شريف |
| 12 | حضرت امام شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه | 27 ذي الحجه 334ھ | بغداد شريف |
| 13 | حضرت شيخ عبد الواحد رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه | 26جمادي الآخر410 ھ | بغداد شريف |



www.dawateislami.net

| | | | |
|---|---|---|---|
| 14 | حضرت ابو الفرج طرطوسي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه | 3 شعبان المعظم 447ھ | بغداد شریف |
| 15 | حضرت امام ابوالحسن هكاري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه | 1 محرم الحرام486ھ | بغداد شریف |
| 16 | حضرت سيدنا ابو سعيد مخزومي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه | 12 محرم الحرام 513ھ | بغداد شریف |
| 17 | حضرت غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه | 11ربیع الآخر 561 ھ | بغداد شریف |
| 18 | حضرت سيد عبدالرزاق رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه | 6 شوال المكرم 623 ھ | بغداد شریف |
| 19 | حضرت سیّدابو صالح نصر رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه | 27 رجب المرجب 632 ھ | بغداد شریف |
| 20 | حضرت محي الدين ابو نصر رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه | 27 ربیع الاول 656ھ | بغداد شریف |
| 21 | حضرت سيد علي بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه | 23 شوال المكرم 739ھ | بغداد شریف |
| 22 | حضرت سيد موسيٰ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه | 13 رجب المرجب 763ھ | بغداد شریف |
| 23 | حضرت سيد حسن رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه | 26 صفر المظفر 781ھ | بغداد شریف |
| 24 | حضرت سيد احمد جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه | 19محرم الحرام 853 ھ | بغداد شریف |
| 25 | حضرت شيخ بهاء الدين رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه | 11 ذي الحجه 921ھ | دولت آباد |
| 26 | حضرت ابراهيم ايرچي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه | 15 ربیع الآخر953ھ | دهلي |
| 27 | حضرت محمد نظام الدين يكاري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه | 9 ذيقعده981ھ | كاكوري شریف |



www.dawateislami.net

| | | | |
|---|---|---|---|
| لكنؤ | 21 رجب المرجب 989ھ | حضرت قاضي ضياءُ الدين معروف جيا رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه | 28 |
| كوڑا جهان آباد | عيدالفطرجي رات1047ھ | حضرت جمال الاولياء رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه | 29 |
| كالپي شريف | 6 شعبان المعظم 1071ھ | حضرت محمدكالپوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه | 30 |
| كالپي شريف | 19 صفر المظفر 1084 ھ | حضرت احمد كالپوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه | 31 |
| كالپي شريف | 14 ذيقعده 1111ھ | حضرت سيد فضل الله رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه | 32 |
| مارهره مطهره | 10محرم الحرام1142ھ | حضرت سيدبركت الله رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه | 33 |
| مارهره مطهره | 16 رمضان المبارك 1164 ھ | حضرتِ سيد آلِ محمد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه | 34 |
| مارهره مطهره | 14 محرم الحرام 1198ھ | حضرت شاه حمزه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه | 35 |
| مارهره مطهره | 17 ربيع الاول 1225ھ | حضرت سيد شاه آلِ احمد اچي ميان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه | 36 |
| مارهره مطهره | 18 ذي الحجه 1296ھ | حضرت سيّد شاه آلِ رسول رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه | 37 |
| بريلي شريف | 25 صفر المظفر 1340ھ | امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه | 38 |
| مدينه طيّبه | 4 ذي الحجه 1401ھ | شيخ ضياءُ الدين مدني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه | 39 |
| | | حضرت مولانا عبدالسلام قادري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه | 40 |



www.dawateislami.net

# فهرست


| عنوان | نمبر | عنوان | نمبر |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | سورة الكهف جون آخري.. | 35 |
| شجرو پڙهڻ جا 7 مدني.. | 2 | سُجاڳ ٿيڻ تي پڙهو | 37 |
| ڏينهن يا رات ۾ ڪنهن .. | 4 | تهجد | 37 |
| پنج وقت نمازڪان پوءِ سَتَ | 5 | ڪمن ۾ ڪا رڪاوٽ .. | 39 |
| پنج گنج قادريه | 7 | ختم قرآن | 43 |
| صبح ۽ شام پڙهڻ جا 10.. | 11 | دُرودِ رضويّه | 45 |
| سَيِّدُالاِسْتِغْفَار | 18 | درود ۽ سلام جا 17 مدني . | 46 |
| صرف صبح جو پڙهڻ جا.. | 20 | نيڪي جي دعوت جا 6.. | 49 |
| سلسلي جي فاتحه | 23 | ياڱيري ڏيارڻ جا مختلف.. | 57 |
| دُرودِ غوثيه | 26 | اسلامي ڀيرون توجهه ... | 62 |
| فجر ۽ عصر جي نماز... | 26 | اسلامي ڀيرن لاءِ 4 مدني.. | 66 |
| فجر ۽ مغرب جي نماز... | 27 | دعوتِ اسلامي | 68 |
| فجرڪان پوءِ حج ۽ عمري .. | 29 | وصال ۽ مدفن شريف .... | 70 |
| رات جي وقت جا چار عمل | 31 | شجره قادريه رضويه | 74 |
| سُمهڻ وقت جا ست عمل | 33 | | |




www.dawateislami.net

# شَجَرۂ عالیہ

## حضراتِ مشائخِ کرام سلسلہ مُبارکہ قادِریہ رضویہ ضیائیہ

یا الٰہی رَحم فرما مُصطَفٰے[۱] کے واسطے
یارَسُولَ اللہ کرم کیجے خُدا کے واسطے

مُشکِلیں حل کر شہِ مُشکِل کُشا[۲] کے واسطے
کر بلائیں رَد شہیدِ کربلا[۳] کے واسطے

سیِّدِ سجّاد[۴] کے صدقے میں ساجِد رکھ مجھے
عِلمِ حق دے باقرِ[۵] علمِ ہُدیٰ کے واسطے

صِدقِ صادِق[۶] کا تصدُّق صادِقُ الاسلام کر
بے غضب راضی ہو کاظم[۷] اور رضا[۸] کے واسطے



www.dawateislami.net

بہرِ معروف[۹] و سَری[۱۰] معروف دے بے خود سَری

جُندِ حق میں گِن جُنیدِ[۱۱] باصفا کے واسطے

بہرِ شبلی[۱۲] شیرِ حق دُنیا کے کُتّوں سے بچا

ایک کا رکھ عبدِ واحد[۱۳] بے ریا کے واسطے

بُوالفرح[۱۴] کا صدقہ کر غم کو فَرح دے حُسن و سَعد

بُوالحسن[۱۵] اور بُوسعیدِ[۱۶] سعد زا کے واسطے

قادِری کر قادِری رکھ قادِریوں میں اُٹھا

قدرِ عبدُالقادِرِ[۱۷] قدرت نُما کے واسطے

اَحسَنَ اللہُ لَھُمۡ رِزۡقًا (1) سے دے رزقِ حَسَن

بندۂ رزّاق[۱۸] تاجُ الاَصفِیا کے واسطے

نَصرِ اَبی صالِح[۱۹] کا صدقہ صالِح و مَنصور رکھ

دے حیاتِ دیں مُحیِّ[۲۰] جاں فِزا کے واسطے



(1) یعني الله تعالٰي ان كي ستي روزي عطا فرمائي.



www.dawateislami.net

طُورِ عِرفان و عُلُو و حَمد و حُسنٰی و بَہا

دے علی[۲۱] موسیٰ[۲۲] حَسن[۲۳] احمد[۲۴] بَہا[۲۵] کے واسطے

بَہرِ ابراہیم[۲۶] مجھ پر نارِ غم گلزار کر

بھیک دے داتا بھکاری[۲۷] بادشا کے واسطے

خانۂ دِل کو ضِیا دے رُوئے اِیماں کو جَمال

شہ ضِیا[۲۸] مولیٰ جمالُ الْاَولیا[۲۹] کے واسطے

دے محمد[۳۰] کے لیے روزی کر احمد[۳۱] کے لیے

خوانِ فضلُ اللہ[۳۲] سے حِصّہ گدا کے واسطے

دِین و دُنیا کے مجھے بَرکات[۳۳] دے بَرکات سے

عِشقِ حق دے عِشقی، عِشقِ اِنْتِما[1] کے واسطے

حُبِّ اَہلِ بیت دے آلِ محمد[۳۴] کے لیے

کر شہیدِ عِشق، حمزہ[۳۵] پیشوا کے واسطے



1 يعني عشق جي نسبت رکڻ وارو.



www.dawateislami.net

دِل کو اچھّا تَن کو سُتھرا جان کو پُر نُور کر

اچھّے پیارے شَمسِ[٣٦] دِیں بَدرُ العُلٰی کے واسطے

دو جہاں میں خادِمِ آلِ رَسُول اللہ کر

حضرتِ آلِ رُسُول[٣٧] مُقتَدا کے واسطے

کر عطا اَحمد رضائے اَحمدِ مُرسَل مجھے

میرے مولیٰ حضرتِ[٣٨] اَحمد رضا کے واسطے

پُر ضیا کر میرا چِہرہ حَشر میں اے کبریا

شہ ضِیاءُ الدّیں[٣٩] پیرِ باصَفا کے واسطے

اَحْيِنَا فِي الدِّيْنِ وَالدُّنْيَا سَلَامٌ بِالسَّلَامِ (1)

قادِری عبدُ السّلام[٤٠] خوش ادا (2) کے واسطے

مدینه

(1) يعني اسان کي دين ۽ دنيا ۾ سلامتي عطا فرمائي. (2) پهرين مطبوعہ شجره جي شعر جي اندر "عبد السّلام عبدِ رضا" ۾ جو تہ فنّي اعتبار سان "م" ڪري رهيو هو. تنهنڪري ترميم ڪئي وئي آهي.



www.dawateislami.net

عِشقِ احمد میں عطا کر چشمِ تر سوزِ جگر
یا خُدا الیاسؔ کو احمد رضا کے واسِطے

صَدقہ اِن اَعیاں کا دے چھ عَین عِز عِلم و عَمل
عَفو و عِرفاں عافیت اِس بے نَوا کے واسِطے

يا الله عَزَّوَجَلَّ! انهن بزرگن جي بَرَڪت سان هن

ٻانهي/ٻانهيءَ.................................... قادِري رضوي

ولديت ..................................................................

رهائش..................................................................

جو سينو مدينو بڻاءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم

تاريخ ..............................



www.dawateislami.net

(هن منظوم شَجري جي نظم وارن اشعار جي معنٰي ۽ وڌيڪ دلچسپ معلومات جي لاءِ مڪتبةُ المدينه جو ڪتاب ”**شرح شجره قادِريهٔ رضويهٔ**“ (217 صفحا) جو مطالعو فرمايو.)

## مآخذ ومراجع

| کتاب | مطبوعہ | کتاب | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| قرآن مجید | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی | شعب الایمان | دارالکتب العلمیۃ بیروت |
| بخاری | دارالکتب العلمیۃ بیروت | الترغیب والترہیب | دارالکتب العلمیۃ بیروت |
| مسلم | دارابن حزم بیروت | مدارج النبوت | مرکز اہلسنت برکات رضا ہند |
| ابوداود | داراحیاء التراث العربی بیروت | مرقاۃ | دارالفکر بیروت |
| ترمذی | دارالفکر بیروت | عالمگیری | دارالفکر بیروت |
| مصنف عبدالرزّاق | دارالکتب العلمیۃ بیروت | الوظیفۃ الکریمہ | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |
| دارمی | دارالکتاب العربی بیروت | حیات اعلیٰ حضرت | مکتبہ نبویہ مرکز الاولیاء لاہور |
| السنن الکبری | دارالکتب العلمیۃ بیروت | بہار شریعت | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |



www.dawateislami.net

# وات جي بدبو جا ٽي طبي علاج

- ڪچو بصر ۽ ڪچي ٽوم کائڻ سان وات ۾ بدبو ٿي پوندي آهي. ادرڪ جو ٽڪرو سني نموني چٻاڙي کائي ڇڏيو، اهڙي طرح جاڻ يا ڳُڙ يا سونف يا ڪجھ ننڍا ڦوٽا چڱي طرح چٻاڙي ڳھي ڇڏيو، اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ بدبو ختم ٿي ويندي.
- نم جا 12 پن ھڪ گلاس پاڻي ۾ سني نموني اُٻاري ڇاڻيو، جڏھن نيم گرم ٿئي ته ان پاڻي سان گُرڙا ڪريو، ائين ڪرڻ سان جراثيم ختم ٿي ويندا آھن، ان جي باقاعدي استعمال سان وات جو اندريون حصو صاف ٿيندو ۽ وات جي بدبو ختم ٿي ويندي آھي.
- نيم گرم پاڻي ۾ لوڻ ملائي گُرڙا ڪريو، لوڻ ۾ ملندڙ عنصر مُرده جيوگھرڙن کي ڪڍي وات جي بدبو ختم ڪندا آھن.



www.dawateislami.net

